

Gul Hayat Institute

پياسي ترتي، رمندا بادل

# منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل

(ناول)

سراج

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1989

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٽيرهن

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال ڇاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن: نومبر 1988ع
ٻيو ايڊيشن: آگسٽ 1989ع
ٽائيٽل ڪيلگرافي: فتاح هاليپوٽو

قيمت 30 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

MUNHINJEE DUNIYA HAYKAL VIYAKAL (Novel) written by SIRAJ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition November 1988.
Second Edition August 1989.

Gul Hayat Institute

# انتساب

سنڌ جي اُن پيڙهيءَ جي نالي
جنهن
اسان جي ڪڇيءَ ۾ ڪٽ وجهڻ وقت
اهو به شايد نه سوچيو ته آزاد پکيءَ
کي به پڃري ۾ بند ڪبو ته ڪيس پنهنجي
لات به لائنئين لڳندي، ۽ اُن
کي وساري وهندو!

سراج

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

ٻئين ايڊيشن جو

# پيش لفظ

دل ٿي چوي ته هن ناول بابت به اکر پڙهندڙن جي گوش گذار ڪري ڇڏيان. مون هي ناول تڏهن لکڻ شروع ڪيو هو، جڏهن اڃا نوڪريءَ جو ڪٿ ڪچيءَ ۾ هو. مون کي ياد آهي ته جن ڏينهن مون ناول پورو ڪيو هو، انهن ئي ڏينهن مان هڪ ڏينهن، ڪن پيارن يارن ۽ دل گهرين دوستن جي هڪ محفل مچي هئي. اياز سکر کان آيو هو. رشيد ڀٽي ساڻ هوس. رباني ۽ تنوير به هئا. پاڻيان ٿو ته (رسول بخش) پليجو به هو. اسان سڀني جو مهندار محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ صاحب (ع.ق) ۽ (شايد) مراد علي مرزا به هئا. ڪن ٻين يارن جا نالا وسرندا ٿا. ان محفل ۾ نياز پنهنجو هڪ نئون گيت، نهايت درد ۽ سوز سان، سُر ۾ جهونگاري ٻڌايو هو. نياز به ان وقت نوان تجربا ڪري رهيو هو. شاعر ته هوندئي غضب جو آهي. پر گيت ۽ ماهيا چوڻ ۾ هن جو ڪو مٽ نه آهي. ان خوبصورت گيت جا ٻول ڪجهه هن ريت هئا.

منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل، تنهنجي دنيا، سپ رنگ ساوَل
منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا، تنهنجي دنيا، رمندا بادل!

اها جهونگار اڃا تائين منهنجي هڪ ٽيپ تي محفوظ آهي. مون ان وقت ئي يارن کي چيو هو ته پنهنجي ناول جو نالو رکندس "منهنجي دنيا مرگهه ترشنا!" جڏهن منهنجو ڪتاب "سنڌي ٻولي" ۱۹٦۴ع ڌاري ڇپيو، تڏهن منهنجي دوست ۽ پبلشر احمد (زيب ادبي مرڪز واري احمد) ان نالي جو اعلان به ڪري ڇڏيو. پر ان کان پوءِ ۱۹٦۵ع واري جنگ لڳارائي وئي. اياز ۽ رشيد ڀٽي جيل موڪليا ويا. منهنجو هنيانءُ هچي ويو. (آءٌ سارتر جي وصف موجب، بنيادي طرح ڪانئر آهيان) لکڻ ته ڪونه ڇڏيم پر ناول ڇپائڻ تان ارواح ڪڇي ويم. لطيف جي روايت وانگر "لکي مٽ ۾ وجهي ڇڏيم!" احمد

Gul Hayat Institute

جن جا منهن مٽجي پيا هئا. هو حيران هئا ته سندن چوڌارو ايترو ترت ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو هو. پر مانهن جو انبوهه ڏسي هن ڪي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. هن جي سجيل منهن تي هڪ نئين نڪوري مرڪ ڦهلجي وئي. ان مرڪ ۾ هڪ نئون اعتبار موٽي آيو، نئون اعتماد اچي ويو. انبوهه جا ماڻهو به مرڪي پيا. هنن جي ان گڏيل مرڪ ۾ به هڪ نئين جان هئي، نئون اعتماد هو. ماستر ۽ هنن جي احساس ۾ ان ڪچهڙائيءَ هنن ڪان اها ڳالهه به وساري ڇڏي ته پوليس سائن ظلم ڇو ڪيو هو. ان ۾ ڪمدار ۽ مولويءَ جو ڪيترو هٿ هو؟ هنن لاءِ چڻ وڏيڪ پائدار حقيقت اها هئي ته هنن گڏجي بيداد ڪي منهن ڏنو هو.

ان احساس هيٺ جيڪو نيڪو پاڻ وڌي، ماستر ۽ سندس سائيءَ سان پاڪر پائي ملڻ لاءِ آندو هو. نورل جيڏي مهل بي‌اختيار ٿي ماستر کي پاڪر پاتو ته هن کي ماستر جي اکين ۾ اڻ-لکا لڙڪ به نظر آيا. اهو سوچڻ وقت هن کي اهو به محسوس ٿيو ته خود سندس اکيون به آگمجي آيون هيون، ۽ هن جي نڙيءَ ۾ ڪا ڳنڍ اٽڪي لڳي هئي. هو نه ماستر جي لڙڪن جو ڇيد ڪري سگهيو، نه پنهنجي ان احساس جو! ❋

Gul Hayat Institute

منهن ڀر اچي ماڻهن منجهه ڪريو. ماڻهن کي الائي ڪاوڙ هئي
يا رڳو سڄهين، سو ڪنهن لت هنيس تہ ڪنهن ٻجو-
ـتَ سنان تي ويئي.

ماڻهن جي ان گوڙ ۾ وڏيرو آئيو. ساڻس گڏ ٻي همراهہ
بہ آئيا. چارئي ڄڻا ڪلها هڻندا اچي جيپ تائين پهتا. وڏيري
ڏلڻ تڙتڪڙ ۾ جيپ اسٽارٽ ڪئي. جيپ جي ”گهرڙ.... گهرڙ“
تي ماڻهو هٽي پاسي ٿيا، ۽ جيپ تيزيءَ سان، جهٽڪو ڏئي
اڳيان وڌي ويئي. ماڻهو وڏيري ۽ سندس ماڻهن کي، ڪا گهڙي
ويندو ڏسندا رهيا. پوءِ اوچتو هنن کي وڏيري جو شودو ياد
اچي ويو، ۽ ٿئين سر ٽڪن ٻڄن سان ورائي ويس!

ڪنهن چيو: ”ابا، تون تہ انب شيدي واري آچل
ڪري آيو هئين؟ هائي ڇو مڪر ڪري ڪٿي ماٺ ڪئي اٿئي؟!“

شودو ماڻهن کي ٻانهون ٻڌي لڳو: ”ٻيلي، مون کي بخش
ڪريو. قرآن ميڙ اٿوَ، نياڻين ميڙ اٿوَ، مون کي بخش ڪريو!“

انهن لفظن تي سمورا هٿ روڪجي ويا. هڪڙي پرڏي
مڙس چيو: ”بابل! وڏيرن جي ٽڪر ڀور تي پلجڻ وارن سان
ماڻهپو موڪلائي ويندو آهي، ۽ باقي بچندا آهن هڏا سوڙ! سو
هاڻ ڇڏيوس تہ وڃي ماڻس کي ڪو يار وٺي ڏئي!“

نورل ماڻهن جي گوڙ مان هلندو، ڊڳي گاڏيءَ تائين آيو،
۽ ڊڳن کي بچڪاريندو، گاڏيءَ کي رستي تي ڪاهي آيو. ❋

Gul Hayat Institute

ـيار نه رکجو. ٻانهن آءٌ زوريءَ کڻي ويندس!“

جيون ۽ يار محمد ٻئي وانگر هنن کي ويندو ڏسندا رهيا. جيپ جي اسٽارٽ ٿيڻ جي گهرڙ گهرڙ تي هو حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيا. هنن جي منهن تي ڪاڙهاڻ بدران پيلاڻ ڦهلجڻ لڳي. ان ۾ ڊپ کي ڪو دخل ڪونه هو. ڊڄڻ هو سگهيا ڪونه هئا. اهو رنگ هنن جي مظلوميت جو رنگ هو، ان مجبوريءَ جو رنگ هو، جنهن هيٺ هو ڪجهه به نٿي ڪري سگهيا. ڏاڍي کي ائين دڙڪو ڏيئي ويندي ڏسڻ جو رنگ، سنڌ جي آسمان جي شفق جي ڪاڙهاڻ تي هميشه غالب پوندو رهيو آهي، ۽ ان رنگ ۾ رنڌل ڪيرا، ٻير جي هڪ ٽاريءَ تي پار ڪيئي، گهوگهو ڪرڻ لڳا. اوندهه آهستي آهستي يار-محمد جي لوڙهي اندر لنگهي آئي ۽ ڪا گهڙي لوڙهي جي ڍنگهرن ۾ اٽڪي بيهي رهي. ✽

Gul Hayat Institute

ڪاڏين ڏوتين ڪي....!“....

چئونري ڪِرسان پرجي ويئي، ۽ هن جي خيالن جو سلسلو ٻه ٽُٽي پيو. وري وڏيري گهرام جا اهي اکر هن جي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا: ”تيرهن تاريخ مون ڪي اوهان جي قبوليت نه پهتي ته پوءِ مون تي ميار نه رکجو: ٻانهن آءٌ زوريءَ ڪٽي ويندس!“ لفظ ياد ايندي ئي هن ڪي نئين سر بدن ۾ ڏڪڻي پئجي ويئي. اوڏي مهل بري ٻڪري هڪڙي لت چئونري ڪي هڻي ڪڍي ۽ چئونري اونڌي ٿي پئي. اڇو اڇو ڪير پٽ تي ڦهلجي ويو، ۽ هوءَ ڪجهه دير ان اڇي اڇي هاريل ڪير ڪي گهوريندي رهي! ❋

Gul Hayat Institute

اڪ اڏوڪاري ڪلي، ۽ پوءِ سڄي ڪلي پٽي. اها اڪ گهڙيءَ لاءِ هن کي گهوريندي رهي. هن ڀانيو ڇڻ ته، اها اڪ ڪجهه چوڻ چاهيندي هجي، پوءِ ان اڪ موٽ ڪاڏي: يار محمد جي جسم ۾ هلڪي اڇل آئي، ۽ اڪ جي ماڻڪي مٿي ڇڪجي ويئي....

ٻن ڪهرن ڪَهرن هٿن، هن جي ڪڇن ۾ هٿ ڦٻائي، هن کي ڇڪيو. اوچتي ڇڪ اچڻ تي، ڀاڻس جو ڪنڌ هن جي هنج مان لڙڪي، پٺ تي ڪري پيو. هڪڙو هٿ هن جي ڪڇ ڪان نڪري هن جي وات ۽ نڪ تي ڦهي ويو. ٻئي هٿ جي ڪرائي، هن جي ڪاڏيءَ هيٺان اچي، ڏونٽ وٺان هن جي ڪنڌ ۾ وڪوڙجي وئي. ٻيو هٿ ٻه ڪڇ ڪان نڪري، هن جي ڇاتيءَ ڪان ڏورو هيٺ وڪڙ ڪائي، هن جي ٻانهن ۾ ڦهي ويو، ۽ هن ڀاڻ کي مٿي کڄندو محسوس ڪيو. گهڙي لاءِ اوڀري اگري پکهر جي، بوءِ ڪياڙي ڪان ٿيندي، هن جي مغز ۾ ڦهلجي وئي. ان وقت هن هلڪي سرگوشي ٻڌي: ”رئيس، ٻانهن سوگهي آهي... توهين هلو جيپ تي، آءٌ ڪٽيو ٿو اچانس!“ ❋

ڪٿي تہ تون اسان جو آهين. اسين تنهنجا آهيون. ايئن بہ ٿيندو آهي پاڻو تہ رت جي رشتن بنان بہ ڪي ميٽ ٿي پوندا آهن. هن جي اکين ڪي انهي سرگوشي پوسرائڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن ڏنڌ مان هن ڏٺو تہ ڏڪيل ماٺهن ڪي ڪتن تي سمهاري شهر نيڻ جون تياريون پئي ڪياڻون. هن جي سڄي بدن ۾ پنواتيون پئي پيون. هن سوچيو تہ آءٌ شايد ٿڪجي پيو آهيان. ان مهل هن هڪ بيو پڙڪو ٻڌو: ”ماستر، نورل ڪي ننڊ اچي ويئي آهي.... تون خبر ڪر تہ ٿاڻي وارن جا چيو؟“

۽ پوءِ هن ماستر جا لفظ ٻڌا: ”پوليس صوبيدار پاڻ ڪونہ هو پر مون رپورٽ درج ڪرائي ڇڏي آهي .. پوليس سوري پنوهرن جي ڳوٺ چڙهي ويئي آهي.... يارو پنوهر واري خون جي واردات تي....' وڏيرو گهرام پنوهرن جي ٻانهن ڪٽي ويو.... “ ❋

رهجي ويو.... ۽ پوءِ هن پنهنجي پويان ڪنهن جي ساهه جو هانبارو ٻڌو. ٻن ٽلهين سگهارين ٻانهن ڪٺي هن کي ڀاڪر ۾ ڀڪي ڪنيو. ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل پکيءَ وانگيان، هـوءَ انهن ٻانهن ۾ ڦٿڙڻ لڳي. انهن ٻانهن جي سگهه کان وڌيڪ هن کي انهن ٻانهن جـي وارن جو احساس ٿيو، ۽ هن کي جيپ جـي اسٽيئرنگ جي چوڌاري وڪوڙيل وارن سان جهنجهيل ٻانهون ياد اچي ويون.

”رئيس، توهين هلو انـدر.. ٻاهر جـي ڪا ڳڻتي نـه ڪريو..“ دنير مڙسالي جي آواز جـو پڙاڏو مهروءَ ان مهل ٻڌو، جڏهن رئيس نيڌو ڏيڏيءَ کان مُڙي بـڌر ۾ پهتو. هاڻ هن جي ڪنيڙانئن ٻاڻ ٻڌوڙڻ ٻه ڇڏي ڏنو. ڊپ اجرڪ جي اوڇي حيان هن جي وجود ٽي ويڙهيندو ودو، ۽ حياءَ سڏڪو ٻڌجي، هن جي دل کي ٻوڙهي ويو.... ۽ پوءِ اوڏي مهل هن پهرئين فئير جو آواز ٻڌو. ❋

تہ ڇا هو. هن ان فاصلي تي سوچڻ نٿي گهريو پر وڌندڙ اونده انهيءَ فاصلي کي هڪ جسم ڏيئي ڇڏيو هو. جيسين روشني هئي، تيسين اهو فاصلو فاصلو ڪونہ ٿي پاتيو، پر هاڻ اهو فاصلو، چهري جي ڇيٽ وانگر، هن کي چرڪائي رهيو هو ۽ هن کي ماستر جا اهي لفظ ياد اچڻ لڳا: ”نورل، هتان اڳتي وڃين يا پوئتي، اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي.... پر ياد رک تہ هر فيصلو بندوق جي گوليءَ وانگر اڻموٽ آهي....“ ۽ پوءِ هن کي اهو فيصلو ياد آيو، جيڪو هن لاکن جي ڳوٺ ڪيو هو....

.... .... ....

ماستر جي لفظن تي پهرين تہ هن کي اعتبار نہ آيو، پر جڏهن انهن لفظن جي گنڀيرتا هن جي ذهن ۾ جاءِ ورتي، تڏهن هو آيو تي ويو.

”ماستر، ڇا ڇيئہ؟“ هن اهو سوال نهايت آهستي ڪيو هو پر خود سندس ڪنن ۾ انهن لفظن جا پڙاڏا ٻرڻ لڳا.

”ڪجهہ ڪونهي، نورل.... تون ٿڪل آهين، گهڙي کن آرام ڪري وٺ تہ پوءِ پنڌ ڪي ڇڪيون....“ ماستر ڌيرج مان چيو، پر هن کي محسوس ٿيو تہ ماستر جو آواز ڏڪي رهيو هو. ماستر هن کان ڳالهہ لڪائي نہ سگهيو.

”يارو پنوهر منهنجو سنگتي هو، ماستر! منهنجو ڀاءُ هو... توکي تہ سچي خبر آهي. پوءِ بہ مون کان لڪائين ٿو.... ڇا ٿيو ياروءَ کي؟“ هن جي آواز ۾ اهڙي سختي اچي ويئي، جيڪا هن کي پاڻ ڏکي لڳي. پر هن جي اندر ۾ جيڪو طوفان متل هو، تنهن هن جي مت کسي ورتي هئي. ان طوفان ۾ رت جي دريا پنهي ڇوليون ڏنيون، جن هن جي سموري وجود کي لوڙهڻ شروع ڪري ڏنو هو.

”وڏيري گهرام پنوهرن کان ياروءَ جي ڀيڻ جو سڱ گهريو هو پنهنجي پٽ گلڻ خان لاءِ. پنوهرن جواب ڏنس.

کپڙ، لئيون، ڪرڙ، ٻير سڀ ڌـي رنا. هاڻ لڙڪ هو پـاڻ به روڪي نه سگهيو. هن لڙڪن کي روڪڻ به نه ٿي چاهيو.

”پوءِ مـون سان جبل هلنديئن!؟“ گهڙي اڳـ اهڙو ڪوبه سوال هن جي ذهن ۾ ڪونه هو. گهڙي اڳ اهو خيال به هن کي اچي ها ته هن کي پاڻ حيرت ٿئي ها. پر هاڻ جڏهن هن جي روح مان اهي لفظ نڪتا، تڏهن هن کي ڪابه حيرت نه ٿي. هن جي اندر جا سمورا طوفان بيهي رهيا.

”آئون.... تنهنجي.... ٻڌي ٻانهي آهيان.... تنهنجي گولي ٿي.... گذاريندس!“ ❋

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڱئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَياز علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻچاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

Gul Hayat Institute

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute